فلم جي شوٽنگ بند ٿيڻي آهي ۽ من اندر جو هاهاڪار متو هو اُهو ئي اُلٽ اچي ويو آهي. جڳمڳائيندڙ بتين جي روشنين ۾ جڏهن ڪلاڪار ڪئميرا جي اڳيان پارٽ ڪري رهيا هئا تڏهن اُتي ڪڙا ٿيا هئا من جا اَليڪ پوس، ڪيڏو شور مچايائون مون ۾.... اُف ڪيڏيون رڙيون ڪيون مون .... بند ڪريو بند ڪريو.... مون تہ من اندر جاڳيل پوڙن کي رڙيون ڪري ٻڌائڻ چاهيو مگر

---

# تلاش

---

ٻچي ويا هي سڀ، سارو سيٽ اُداس اُجوڙو خالي پيو آهي....

شهر کان ڪي ٿوري ميل پري آهن ٻڌ جا مندر.... دٺل قبل پر اُلمس کوچ جا ممبر .... اليٽي ڪرٽي هٽي مولڪي پنهنجي فلم جي شوٽنگ.

منهنجو سارو آئالو ڳوٺ جي زميندار وٽ مهمان هو بنگلي جو دروازو کوليو اچي زميندار جي وڏوا لڌهن....

من اندر هڪ رڙ اُٿي.... هتي آهي ٿرپتي ... جنم جنماتر جي کوج جو اُلٽ...

صبح صبح وڏوا جي ٻرفيلن هٿن ولين ٻوٽن کي

پاڻي پيئي ڏنو... سمنڊ جو عجيب درشن .... هرياليءَ وچ ۾ اڇو ڪمل!

وليڻ ماڻ ننڍيا اڇا گل ڇني سمنڊ چرڻ وٽ رکي ڇڏيا.

معصوم گول اکيون سورج مکيءَ جيان کڙي پيئون، چيائين: ديوي ناهيان.... گنگا آهيان ماڻ.

ماڻ: اڏهن ته سمنڊ سان گڏ پوڄا ڪري ته پرڻام.

گنگا: چل....

موڻ واس وٽ پڪ ناهيو. چانديءَ جي لوٽيءَ ماڻ مک ماڻ جل اوتجي رهيو هو؛ سچل اکين ماڻ امرت اوتجي ويو مهنجي اکين ۾...

گنگا: اوهه....

لوٽيءَ ماڻ جل خلاص ٿي چڪو هو، مگر امرت!... هوءَ هلي ويئي. مان پهنجو چئن پريءَ طرح کوهي وڌو.

ٽن ڏينهن کانپوءِ شونڪ پوري ڪري هڪ هار جو احساس کڻي اوکرن کان سامان پڌائي رهيو هوس جو هوءَ ناڪهيءَ ۾ ٿورا ڪيرپرا کڻي اندر هلي آئي.

گنگا: پرساد وٺو. ساڻيڙ ۾ اچڻ کانپوءِ ڪيترا ڏرمي پستڪ پڙهندي رهي آهيان... مگر ڪٿي به موڻ جهڙيءَ ناريءَ جو سنمان روا نهرايل ناهي.

ماڻ: هون!

گنگا: هڪڙي پيرو گلن جي پيٽا پاڻي... عجيب

ٻڌڻ ۾ ٻڌجي ويو آهي من!

مون ڪانئس پوڄا جي ڳالهي وٺي اکين سان ڇهائي ڪيس پلنگ تي وهڻ لاءِ چيو. سورج مکي ڪڙيل تي رهيا.

هوءَ پٽ تي ويهي رهي. همت جوڙي چيائين: ڀڪشڻي، ٻڌ جي ڪوچ ۾ رهي ٿي. توهانکي ٻڌ جو پارٿ ڪندي ڏٺم ۽ من چيو هيءَ ٿي آهي منهنجن سوالن کي سمجهڻ وارو مهان ديوتا...

چيم: ڪهڙا سوال آهن ديوي!.... ليڪن ٻـد جو پارٿ ڪرڻ هڪڙي ڳالهه آهي خود ٻد ٿيڻ ٻي ڳالهه آهي. فقط ايتري ڳالهه آهي ته هي من ٻـد جي من جيان بيچين آهي ۽ نرڀتيءَ جي تـلاش ۾ سرگردان رهي ٿو....

گنگا: مان ته ٿي مڃان.

مان: آڌار؟

گنگا: توهانکي ڪنهن سان من پلٽيندي ٻڌي ورتو اٿم. توهين چئي رهيا هئا ته ڪلا جي اکنڊ تپسيا کان پوءِ جاڻ جا حاصل ڪئي اٿم سا پراڻي مالڪي ڏيڻ ٿو چاهيان...

مان: پيو ته ڪجهه ٻڌو هو ديوي؟

گنگا: ٻڌو هوم... اگر گنگا جهڙي ناري ٻڌي تي ڪم ڪري تـه ڪل انساني ڪدورت جون ڪڙيون ٽوڙي، سک سان ٻري چڙهي سنسار کي....

ماں: مگر توهانجا سوال؟

گنگا: مون تمام گهڻا پستڪ پڙهيا آهن پوءِ بہ ــ پنهنجي من ۾ اُٿيءَ جي وڪاس لاءِ بہ جيڪي پريشان ڪري رهي آهي.... ڇو...

"گنگا" اوچتو پريءَ کان ڪنهن سڏ ڪيو ۽ ٻنال اکين ۾ ٽڪڙن قدمن سان گنگا هلي وئي. ڇگو ٿي ٿيو نہ نہ سندس سوال جو جواب ملا مونکي آيو ٿي ڇا؟ يا ٻئي ڪنهنکي بہ ڪڏهن آيو آهي اهڙي سوال جو جواب!

گورو من ۾ اکين ۾ ديويءَ جي مورتي ڪٽي سچيءَ لائڪ مندليءَ سوڌو ماڳ پهچي وڃڻ ۾ دير ڪانہ لڳي. سوچڻ: هڪ ٻار جهڙو آڪاسي پکيڙو- ٽرپتي لاءِ وياڪل جيؤ گذريو هوم ۽ بس هڪ خواب ٺٽجي رهجي ويو.

اچانڪ ٿي هڪ ڏنهن سپنو ساڪار ٿي آئيو. هوءَ بيٺي هئي.... سچيؤ... ڪومل... تيجسوي ۽ آنند مئي. ڪٿي ڪهڙن سازن ۾ سنگيت جون ڌاون لرزي آئيون مان نٿو ڄاڻان. صرف ايتري ٿي سمڪ رهي تہ هوءَ منهنجن پيرن وٽ ويهي، رج ڪٽي، پنهنجي مستڪ ٿي لڳائي رهي هئي. ڪــاريءَ ڪناريءَ واري سوني ساڙهيءَ جو پلئہ ڪجهہ مٿيرو ڇڪي ڇيائين: سماج ۾ ڌرم جا ٻڌن، ٻار لاءِ ٽوڙڻ مشڪل هئا... مگر ماں توهان جي تپسيا مان حاصل ٿيل گيان کي پراڻي ماڻر ٿائين

پهچائڻ ۽ هٿ وٺائڻ لاءِ سڀ بندن ٽوڙي آئي آهيان.

مان: مگر.....

گنگا: ننڍيان سڀ دروازا بند آهن اڳيان اگر ڪاغذ جي ديوار به منزل ڏي پهچڻ ۾ روڪ وڌي ته سر ٽڪرائي پاڻ کي ختم ڪرڻو پوندو.

* * *

هڪڙي ئي ڇڻ من کي ٿئي ئي ڇڻ من سان ملي لڙهڻ جو احساس ٿيو. گنگا منهنجين قلمن ۾ آئي. سنسار سندس ڪلا مان جيڪو سک پاتو ان لاءِ ڪيس هر گهڙيءَ جي موڙ تي ڇنن پيهارڻو وٺو. هڪ ننڍي شهر جي رهواسڻ گنگا، دنيا جي الاهي انسانن جي دلين جي ڌڙڪن بڻجي پيئي. گنگا کي لڙهڻ جو احساس ٿيو؟ مون سندس قول جهڙي ڪومل سرير کي پوڇا؟ پيار جو مرڪز بڻائي لڙهڻ جو احساس نه پاتو، انهن ڇوڻ به ڪوڙ ٿيندو.

هڪ رات مون پڇيو: گنگا! هتي اچي توکي ڪڏهن پنهنجي ڪيئي لي پڇتاءُ نه ٿيو آهي؟

گنگا: ڪهڙو سوال ٿا پڇو سوامي؟ ندي جڏهن ساگر ۾ ملي وشال ٿي وڃي ٿي تڏهن ڇا هوءَ پڇتائيندي هوندي؟

مان .... اوهه ....مگر نديءَ جي پنهنجي هستي ان ۾ سمائجي ٿيو وڃي...

گنگا: ليڪن ڪنهن ۾؟ ڪنهن ڪسيءَ نالي ۾ لهر پر سمنڊ ساگر ۾... جيڪو سورج جي اڳيءَ ۾ ٻاڦ ٿيائي بادل بڻجي ٻرانڊي ماڻڊ لئي ٻرسي سگهه ٻيو وسائي سنسار متان.

ماں: تون آهين نون ديوي! تنهنجو اهو وشواس تنهنجي تپسيا، هر جز جيءَ کي روشن بڻائي پرڪاش ڦهلائي رهي آهي منهنجي من اندر!

گنگا: ۽ ماں... ماں ته سمجهان ٿي ته ماں خود ئي هڪ جلوو ٿي پيئي آهيان جنهن کي نسط سان هر پراڻيءَ کي آتمڪ آنند جو احساس ٿي رهيو آهي.

ماں: اهڙو سک اهڙو آنند آنند....

مگر هڪ ڏينهن سڀڪجهه ڪيئن بدلجي ويو....

تهه سياري جي هڪ رات....

گنگا منهنجي هڪ فلم ۾ اپسارڪا جو پارٽ ڪري رهي هئي. شاٽس وٺڻ چالو هئا. سدا آنند جوان سهڻو نازڪ، پرنيلي جسم واري ته گنگا اپسارڪا ڪري ٻانهن ۾ ڪٽي گلن جي سيجا تي وڃي رهيو هو. هڪ ڪن لاءِ سندس مک گلابي چپن تي آسرو پاتو.... يا شايد منهنجي نظر جو ڀرم هو... مگر هي ڇا ٿي ويو منهنجي اندر ۾! هيءَ آگ ڪٿان ڀڙڪي پيئي!!....سرير سارو پگهر سان شل ٿي ويو ۽ ٻيون هينئان جڙ ڌرتي اڏڻ لڳي....! هڪ ڇاپا سي چالو ٿي ويو من اندر....

....بند ڪريو بند ڪريو، هيءَ شوٽنگ....سارو وايو منڊل منهنجي رڳن سان گونججي اٿيو. مان سهڪي رهيو هوس. ڇاتيءَ ۾ سور جي هڪ سوٽ آئي!..ڊاڪٽر ڊاڪٽر.. گنگا سڀڪجهه ڇڏي مون وٽ هلي آئي، مونکي سهارو ڏيئي موٽر ۾ رکي گهر ڪٺائي آئي....

گنگا: ڇا ٿيو ....

مان: ڪجهه به نه.

پلا هي مهاڀارت ڪوئي ڪيئن ڪنهن کي ٻڌائي سگهي...

ساري رات گنگا منهنجن مٿارن وٽ ويٺي پٽيون بدلائي رهي هئي. سندس ويٽيءَ مان آڱرين مان سڳند مونکي ٿي ڪري ڇڏيو. سندس سرير مان اڪرانڊ شعاع منهنجي ساري تن بدن ۾ پرڪاش ڦهلائي رهيو هو. سندس گلابي چپ منهنجي اکين تي هئا...

گنگا: سوامي! ڇا ٿي ويو توهان کي.

مون ڪيس ٻانهن ۾ ڀڪوڙي پنهنجي ڇاتيءَ تي ليٽائي چيو: تون منهنجي آهين ترپتي! فقط منهنجي.

گنگا: هائو ساري سموري اوتري ئي توهان جي جيترو توهين منهنجا آهيو سوامي!

پياسي من ٻوند پڻي ترپت ٿي ويو. من - پکي اڏرڻ لڳو. ٻڌڻ جي لوڀت هئي.

مگر هي آڪاسي سڏ...

گنگا: توهان مونکي ترپتي ڪيو...

ماں: ھائو گنگا لون آھين منھنجي ترپتي، انمت آنند.
گنگا: نہ سوامي!
ماں: آف...ھي ڪھڙو مھارني منھنجي رت ڪي جنگ ۾ گھلي آيو تي بيٺو آھي!
گنگا: سوامي، ترپتي منزل ناھي؟
مون چيو: تڏھن ماں ڇو بي چين ٿي ويو آھيان.
گنگا جون اکيون ھيون ۽ ليڪسوي چندرما!
ھن چيو: ترپتي نہ پور وچوت ھلندڙ راہ جي پئن جيان ساڻ آھي، پر انھن جو ملڻ آھي پرم!
ماں: سچ چاھي تڏھن گنگا؟
گنگا: سچ آھي تلاش - کوج...ڳولا. انھا ڳولا جـا انمت آھي، ڪٿي پوري ٿئي ٿئي...
ھوء چندرما جي پرڪاش جھڙي نظر مون تي اُڇلي منھنجي ڪمري کان ٻاھر ھلي وئي. مون ھن پرڪاش کي ناري ڪوئي ٻاڻ کي ڇا ڪجھہ سمجھيو ھو؟
ليڪن ساري رات ھڪ عجيب جنگ ھن من اندر جاري رھي...
صبح جي روشني ۾ لشڪر جو ھار ڪائي ڪريو آھي، سو آھي اُيسارڪا کي ترپتي سڏڻ جو شوق! اُن کي ملڪيت سمجھڻ جي پل!!
ايسارڪا ترپتي ناھي. ملڪيت بہ ناھي. ھوء اُچامت انمت ھستي آھي جنھن وٽ ھڪ من آھي - من جو اپي چئن آھي - ۽ آھي ترپتي جي تلاش ۾!